بسم الله

ڪراچي- سنڌ.
1 جنوري 2018ع

شال خوش هجو.
پيارا دوست غلام رضا

السلام عليڪم.

الله تعاليٰ جي مِهر سان اسان ڏانهن سڀ خير آهي، اميد ته توهان ڏانهن به سڀ خير هوندو. سڀ کان پهريائين توهان کي نئين سال جون مبارڪون هجن. شال نئون سال توهان جي زندگيءَ ۾ خوشيون ۽ ڪاميابيون کڻي اچي. آمين.

گذريل موڪلن ۾ اسين توهان وٽ لاڙڪاڻي گُهمڻ آيا هئاسين. سچ ته اهو آهي ته لاڙڪاڻي جهڙي تاريخي ۽ تهذيبي شهر ۾ گذاريل گهڙيون اسان کان وسري نه سگهيون آهن. سنڌ جي قديم آثار واري شهر ’موهن جو دڙو‘ کي ڏسڻ جو پهريون ڀيرو موقعو مليو. آءٌ ته انهيءَ قديم شهر کي ڏسي حيران ٿي ويس! ڪيڏي نه سهڻي سٺاءَ سان اهو شهر ٺاهيو ويو هو. پَڪيون گهٽيون، پڪا گهر، پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ پَڪيون ۽ ڍَڪيل ناليون؛ هر طبقي لاءِ ڌار ڌار پاڙا! هن سرزمين جا ماڻهو پنج هزار ورهيه اڳ به ڪيڏا نه ڏاها هئا. انهن پنهنجي شهر کي ڪيڏي نه سهڻي ترتيب سان اڏايو هو! موهن جي دڙي جي پيٽ ۾ اسين اڄ به پنهنجا شهر ٿا ڏسون، ته اسان کي ڏاڍي

ڳڻتي ٿي ٿئي. انهن شهرن جي آدمشماري ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. انهيءَ ڪري اسان جي شهرن جا مسئلا بہ وڌن ٿا وڌندا. صفائي، ٽرئفڪ، رهائش ۽ روزگار جي مسئلن اسان جي شهري زندگيءَ تي ڏاڍو خراب اثر وڌو آهي.

پيارا دوست خط طويل ٿيندو ٿو وڃي. ڳالهيون تہ اجا بہ گهڻيون آهن، ها، ’پير جي ڳوٺ‘ نيرن ۾ چانورن جي ماني، مکڻ، ماکي ۽ لسي مون کي اجا نہ وسري آهي.

توهان مون ڏانهن جيڪي سنڌي ڪتاب موڪليا آهن، مون انهن جو گهرو اڀياس ڪيو آهي. انهيءَ لاءِ مان توهان جو ڏاڍو ٿورائتو آهيان. هاڻي منهنجي سنڌي سُڌري وئي آهي. انهيءَ جو ثبوت منهنجو هيءُ خط آهي.

توهان ڪراچيءَ ڪڏهن ٿا اچو؟ چاچا سائينءَ کي اسان جا سلام ڏجو.

توهان جو دوست

سجاد علي

ڏانهن.

غلام رضا

لاهوري محلو، لاڙڪاڻو سنڌ.

## مشق

**ياد رکو تہ:**

1- خط لکڻ جي شروعات ”بسم الله“ سان ڪئي ويندي آهي.

2- پنهنجي ائڊريس خط جي ساڄي پاسي لکڻ گهرجي.

3- جنهن ڏانهن خط لکبو آهي، ان جي مخاطب ٿيڻ واري ڀاڱي کي 'سرو' چئبو آهي.

4- خط جي جنهن ڀاڱي ۾ حال احوال ڏبو آهي، ان کي عبارت چئبو آهي.

**(ب) توهان پنهنجي دوست کي خط لکي کيس امتحان ۾ پاس ٿيڻ جون مبارڪون ڏيو.**

**(ج) لفظ ڏاهيو، جيئن: لکڻ مان لکبو.**

سکڻ مان ............................

پڙهڻ مان ............................

هلڻ مان ............................

چوڻ مان ............................

اچڻ مان ............................

وجڻ مان ............................

**(د) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

مِهر – پيرو – سٺاءُ – پاڙا – ڳٽتي – طويل – ٿورائتو.

**(هہ) هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| نئون | | پڪيون | |
| ڪاميابيون | | شهر | |
| قديم | | خراب | |